SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 2006

# SINDHACT NO.XV OF 2006

# سنڌ پوليٿن بيگزجي ٺاهڻ، وڪري ۽ استعمال تي پابندي ايڪٽ، 2006

# THE SINDH PROHIBITION ON MANUFACTURE, SALE AND USE OF POLYTHENE BAGS ACT, 2006

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

3.پابندي

Restriction

4.ڏنڊ

Penalty

5.سزا ۽ ٻڌڻي لائق ڏوهه

Offence to be Punishable and triable

6.ڏوهه جو ازالو

Cognizance of offence

7.ٻين قانونن وغيره کي اوور رائيڊ ڪرڻ جو ايڪٽ

Act to override other laws etc

8.ايڪٽ تحت ڪنيل قدم جو تحفظ

Protection of action taken under tha Act

9.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 2006

# SINDHACT NO.XV OF 2006

# سنڌ پوليٿن بيگز جي ٺاهڻ، وڪري ۽ استعمال تي پابندي ايڪٽ، 2006

# THE SINDH PROHIBITION ON MANUFACTURE, SALE AND USE OF POLYTHENE BAGS ACT, 2006

[27 ڊسمبر 2006]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي ۾ ڪاري پوليٿن بيگز سميت ٿيهه مائڪرو ٿڪنيس رکندڙ پوليٿن بيگز تي پابندي لڳائي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته صوبي ۾ ڪاري پوليٿن بيگز سميت ٿيهه مائڪرو ٿڪنيس رکندڙ پوليٿن بيگز تي پابندي لڳائڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ڪان پوءِ ظاهر ٿيندو ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کنيا ويندا؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ پوليٿن بيگز جي ٺاهڻ، وڪري ۽ استعمال تي پابندي ايڪٽ، 2006 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "فيڪٽري" مطلب ڪو احاطو جتي پوليٿن بيگز جوڙيون ۾ تيار ڪيون وينديون آهن؛
(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(c) "شخص" جنهن ۾ شامل آهي دڪاندار، فيڪٽري مالڪ، هاڪر ۾ پوليٿن بيگز جي نهڻ يا وڪري سان جڙيل ڪو شخص؛
(d) "پوليٿن بيگز" مطلب پوليٿن گرينوئلز مان تيار ڪيل پلاسٽڪ جي ليدنگ پراڊڪٽ؛
(e) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛ ۽
(f) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

پابندي
Restriction

3. ڪو بہ شخص ڪاري پوليٿن بيگز نہ ٺاهيندو، وڪرو ڪندو يا استعمال ڪندو بشمول ٿيھ مائڪرون ٿڪنيس کان گهٽ پوليٿن بيگز جي ۽ سائيز جيڪا بيان ڪئي وئي هجي يا ڪنهن بہ قسم جون ڪائڻ لائق يا نہ ڪائڻ لائق شيون نہ آڇيندو.

ڏنڊ
Penalty

4. ڪو بہ شخص جيڪو دفعہ 3 جي گنجائشن جي پيچڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ٽن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجاھ هزار رپين

تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

بشرطيڪ اهو ته جيڪڏهن هن دفعه تحت سزا لائق ڏوهه لاءِ سزا ڪاٽل شخص اهڙي ڏوهه لاءِ ٻيهر الزام هيٺ اچي ٿو ته ڏنڊ هڪ لک رپين تائين وڌي ويندو ۽ قيد جو مدو ڇهه مهينن تائين وڌي ويندو.

سزا ۽ ٻڌڻي لائق ڏوهه
Offence to be Punishable and triable

5.جيستائين ڪجهه ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 ۾ شامل نه هجي، هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهه چاڻايل ڪوڊ جي گنجائشن تحت خاص طور تي ان سلسلي ۾ پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ، 1997 جي دفعه 24 تحت جڊيشل ماجسٽريٽ طرفان ضمانت لائق ۽ ٻڌڻي لائق هوندو.

ڏوهه جو ازالو
Cognizance of offence

6. ڪا به عدالت هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهه تي قدم نه کڻندي سواءِ جيستائين صوبائي ماحولياتي ايجنسي جي ڊائريڪٽر جنرل يا ان طرفان بااختيار ٻڌايل ايجنسي جي ٻئي ڪنهن عملدار طرفان لکت ۾ شڪايت نه ڪئي وڃي.

ٻين قانونن وغيره کي اوور رائيڊ ڪرڻ جو ايڪٽ
Act to override other laws etc

7.هي ايڪٽ موثر هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي ڪجهه متضاد نه هجي.

| | |
|---|---|
| 8. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪجهه ڪرڻ يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نه ٿيندي. | ايڪٽ تحت ڪنيل قدم جو تحفظ Protection of action taken under tha Act |
| 9. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |
| **نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |